

باھر جون پاڑون
غزل
ونود آسوداڻي

باھ جون پاڑون

(غزل)

ونود آسوداٹيِ



ڊجيٽل ايڊيشن
2021ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

پشپانجلي پبلڪيشن

بي-247، جرپٽڪا، ناگپور-440014

Baah jun paadun

(Roota of fire)

Anthology of gazals in Sindhi

By Vinod Asudani

Printed at

Sudha Offset Printers

25, 1st floor, Prince Market,

Furniture Bazar, Ulhasnagar – 421003

Tel.(0251) 256065

Calligraphy

Dr.Prem Jethmalani

Copyright vests with the author

Printed with partical financial help from

National Council for promotion of Sindhi Language(NCPSL)

Vadodara – 390007

Price : Rs.40/- (Subsidised) November 2004

Publishers:

Pushpanjali Publication

B-247, Jaripatka, NAGPUR – 440 014

Tel. 0712-2632641

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گھر

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب "باھ جون پاڑون" اوھان اڳيان حاضر آھي. ھي ڪتاب ھند جي سنڌي شاعر ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ جي غزلن جو مجموعو آھي. ھن ودوان جي سڃاڻپ جي ھڪ خاصيت اھا آھي ته ھو ڄائي ڄم ڪان نابين آھن. باوجود ان جي تعليمي ۽ ادبي ڪيتر ۾ سنو مقام حاصل ڪيو اٿن.

ونود آسوُداڻيءَ جو غزلن جو ھيءُ مجموُعو "باھ جون پاڑون" ھن دور جو عڪس آھي، ڪا آھت بہ آھي. سندس غزلن جو تاڻُ ۽ ھڪاڻُ، قدرت جي ڪڻ ڪڻ ڪي پنھنجي پاڪ ۾ سُمھاري، ٽڏڙا ڪڍي، ننڍ ڪرائيندو رھي ٿو. ھنجي تمام ٿورن سادن اکرن ۾ ڪيڏو نہ معنا پريو انداز آھي، اصل دل کي ڇھي ٿو وڃي. ھنجي شعرن ۾ جيترو گھرو ويندا، اوترو خزانو پائيندا.

ھي ڪتاب پشپانجلي پبليڪيشن ناگپور، ھندستان پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شاعري ۽ سُونھن

شاعري انسان جي اُڄ سان جڙيل سُونھن آھي. ھرڪو پنھنجي پنھنجي نمُوني پئندو آھي. پيئڻ ۽ جيئڻ جي پرڪ، ھج ڪنھن دور ۾ ميچ به ھوندي آھي ته مرم به سُونھن ۽ شاعري ھر دور ۾ نت نئين آھي. ونود آسُوداڻيءَ جو ھيءُ غزلن جو مجمُوعو "باھ جون پاڑون" ھن دور جو عڪس آھي، ڪا آھت به آھي. غزل شاعريءَ جي اُھا صنف آھي، جنھن جو تاڻ ۽ ھڪاڻ، قدرت جي ڪڻ ڪڻ کي پنھنجي پاڪر ۾ سُمھاري، تڏڙا ڪديِ، نند ڪرائيندو آھي ..

بند منھنجون اکيوُن گر ٿين نند ۾،
صرف توکي ڏسان، ٻيو ن ڪوئي ھجي،
درد تنھنجا سڃڻ، سوُر تنھنجا سڃڻ،
مان اڪيلي جيان، ٻيو نه ڪوئي ھجي.

شاعرِي اُھو پنڌ آھي، جنھن جي وک وک انيڪ انسنا آھن، وِلورا آھن، ته بِه ھن پيچري تي صدين کان شاعر اڪيلو ۽ اُباڻڪو آھي.

ڪوئي سمجھي نه ٿو، پنھنجو مونکي ھتي،
ڪو نه ٿو شھر ۾ ڪو ڏسان ڳوٺ جو،
گفتگوُ کان مونسان به تون ڪر ڪڏھن،
توکي خاموش ڪيسي ڏسان زندگي

ونود جا ڇھ ئي حواس نھايت ئي حساس آھن، ڏکڻا آھن. ڏسڻ جو حواس البت ڪمزور اٿس ته من جو حواس، ماڻڻ جو حواس، پاونائن جي درد کي ڇھي ٿو ونيِ.

چانڊوڪيُن راتيُن ۾ مونکي برپٽ جي،
کي ڪٽا سونھه جا ڇٽيا ھوندا
چنڊ کي ارڳُ ھن ڏنو ھوُندو،
موُن وائڙو ڪيو آ، ڪڏھن ڪين رُئندُس،
لڙي لڙڪ آيا، اُگھڻ کان ڊجان ٿو.

ڪو به لظيف فن، ھڪ لاڳيتي مسلسل پرڪريا آھي.ڪنٽنيوُئس پروسيس. شاعر پاڻ تائين پھچڻ سان ئي، ڪنھن به پاو ٻوڏ سان پاڻ کي جوڙي ٿو. ھر ڪنھن فن کي پنھنجيوُن کي باريڪيون به آھن، نزاڪتون به آھن. موُزون شاعري چند، وزن جي ردم سان به واسطو ٿي رکي. لفظ سان جُڙاءُ به آھي ته وھنوار به آھي، جنھن سان ڪجھ خلقي سگھڻ ممڪن بڻجي ٿو، ڪٽان کان ڪٽي پھچي وڃجي ٿو، کي معنائوُن کي مُلھ اِظھار پائن ٿا .
ڪين لکندُس مان لفظ ڪاڳر تي
ڪوري ڪاغذ کي ئي ڏسي سمجھي،
آزموُدا ڪيا تو خوُب ڪيا،

ڪير دنيان مان ڇا ڪٽي ويندو
ڪنهن به فن جون ڪي به حدوُن ڪونهن، ڪو احساس ڪنهن نفيس سوچ جي آس پاس وٺي ويندو آهي.

توُن هوا آهين، پر هوا کي پڻ،
مان ته خوشبوُ بڻي ڇهي وڃندُس،
ڪٽ جي واڌڻ ڪوئي ڇڪي ويٺو،
زندگيءَ سان به جڙ وڙهي ويٺو،
خون هر هر اُصوُلن جو ٽيندو رهيو،
ڏرتي ٻيهر وري ڇو ڏڏي سج لٽي.

شاعر پاڻ سان سڄي سنسار کي هٿ جي اگر پڪڙي وٺي ٿو هلي. هنجا صادق جٹبا، هر ڪنهن کي پنهنجا لڳندا آهن. پاڻڪ جي پاڻ سان مُرڪي سگهي ته هوند ڪو ڪو ڪٽو منو سواد به ماڻي وڃيش تنها تنها ويٺو آهيان
روز رُئن ڇا مسئلو آهي، توُن موُن جهڙو، مان تو جهڙو، فرق ڪرڻ ڇا سولو آهي
هن شاعر جو هيءُ ستون مجموُعو آهي. سندس پهريون مجموُعو هندي ياشا ۾ هئو. عنوان اٽس اڏوُرا آسمان. ان ۾ سندس پاءُ راجيش آسوداڻي رقيب جا به ڪجه غزل آهن. ان ڪتاب جو مهوُرت پچمڙهيءَ ۾، اڪل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا طرفان ڪونايل سيمينار ۾ ٿيو هئو، جتي ٻئي شاعر حاضر هئا. ونود آسوُداڻيءَ جي غزلن جو ٻيون مجموُعو چٽگوُن چٽگوُن سنڌيءَ ۾ آهي، ديوناگري لپيءَ ۾. ونود جي رهائش ناگپور ۾ آهي، جتي سنڌي ٻولي ديوناگري لپيءَ ۾ سيڪاري وجي ٿي. ان ڪتاب جو مهوُرت ڪجوُراهو ۾ اڪل پارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا طرفان سڏايل سيمينار ۾ ٿيو هئو، ان سيمپنار ۾ ونود محسوس ڪيو ته ديوناگري لپيءَ ۾ لکڻ بدران سنڌي لپيءَ ۾ لکي، سڃاڻ پاڻڪن تائين پهچي سگهبو ۽ سندس شاعريءَ جي تڪ تور پڻ تڏهن ئي ممڪن ٿيندي. هيءُ سندس ٽيون غزلن جو مجموُعو باھ جوُن پاڙوُن سنڌي لپيءَ ۾ آهي.
اِها مجيل حقيقت آهي ته شاعر ئي ٻوليءَ کي پالي نپائي ٿو. هوُ ئي ساهت جي سگھ ۽ معيار کي نوان ماڻ ٿو بخشي ۽ اڳتي هلي پنهنجي فن، شعوُر ۽ سوُجھ ٻوُجھ سان جاتيءَ جو نگهبان بڻجي ٿو.

سجاڻپ مان توکي ڏيان ڪهڙي دلبر
ڏيئو بڻجي توفان سان وڙهندو رهندُس
ساز پراڻي کي چورڻ ۾، وقت ته لڳندو آ،
وسريل ورقن کي کولڻ ۾ وقت ته لڳندو آ
روُح بنا بس جسم ملن ٿا، هن چوراهي، هن چوراهي
پاڻ مرادو چريا کلن ٿا، هن چوراهي، هن چوراهي

ونود آسوُداڻيءَ جو هيءُ مجموُعو توهانجي هٿن ۾ آهي. توهان هن شاعر سان شايد اڳُ واقف نه آهيو.
ساري دنيان چوڻ مجي ويندءِ

ٿوري پنهنجي هلائي توُن به ته ڏِسُ.

ارجن حاسد
/264بي، سردار نگر،
احمدآباد - 382485

پبلشر وٽان.....

ونود آسوُداڻيءَ جو هيءُ پهريون سنڌي غزلن جو ڪتاب سنڌي لپيءَ ۾ اوهانجي هٿن ۾ آهي. هن کان اڳ اٽڪل سال کن اڳ هڪ غزلن جو ڪتاب "چٽگوُن چٽگوُن" ديوناگريِ لپيءَ ۾ اوهانکي پيش ڪري چڪو آهي . پر اُن کان به اڳ هو پنهنجي ياءُ راجيش آسوداڻيءَ سان گڏ هندي غزلن جو ڪتاب، "اڏوُرا آسمان" ڏيئي چڪو آهي.
پر هن جو يقين آهي ته هوُ صرف پنهنجي مادري ٻاشا سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي بهترين نموُني لکي سگهي ٿو. پنهنجن احساسن کي صحيِ لباس پهرائي سگهي ٿو. پنهنجن باريڪ وچارن کي اظهار ڏيئي اوهان تائين پهچائي سگهي ٿو.
هر شاعر جيِ اها خواهش هوُندي آهي ته هوُ جو ڪجهه سوچي ٿو، لکي ٿو، سمجهي ٿو، اُهو اوهان پاڻکن تائين پهچائي.
هر سنو پاڻڪ به هميشه پياسو هوُندو آهي. هوُ پنهنجي چنتن جي پياسي ٻوجهائڻ لاءِ الڳ الڳ شاعرن جي رچنائن ، ڪلپنائن ۽ وِچارن جي گوناگون اڏامن ۾ اُڏامي آنند ماڻيندو آهي. در اصل سنو پاڻڪ ئي سنو رچناڪار پئدا ڪندو آهي .
سُڻن پاڻکن کان سواءِ رچناڪار ويڳاڻو ۽ ويچارو ٿي پوندو آهي. اڄُ ادب ۾ سامي ۽ وارو سُست زمانو ڪونهي. اڄُ جيت جي رفتار وارو زمانو آهي. سامي جيڪيِ لکندو هو، اوهو مٽڪي ۾ رکندو ويندو هئو. پنهنجي دل کي اِئين چئي آٽت ڏيِندو هئو ته ڪو مائيِءَ جو لعل اچيِ اون مٽڪي جي ڍڪڻ کي لاهيِندو ۽ سندس رچنائن کي ماڻهن تائين پهچائيِندو .
ونود جي هن شعر جو مزو ماڻيو ....

هوريان هوريان هوا هلي ٿي اڄُ،
ٻوُر ڪنهن وڻ نئين جهليو هوُندو

تمام ٿورن سادن اکرن ۾ ڪيڏو نه معنا پريو انداز آهي، اصل دل کي چهيِ ٿو وڃي.

سل يا چند ٻڌجڻو ڪونهي،
جگنوُ ٻڌجي به روشني ڏيِندُس.

هنجي شعرن ۾ جيترو گهرو ويندا، اوترو خزانو پائيِندا.
پبلشر جي ناتي مونکي خوشيِ آهي ته ونود آسوداڻيءَ جي غزلن جو هي مجموُعو "باھ جوُن پاڙوُن" اوهان کي نه صرف لطف ڏيِندو پر راحت پڻ بخشيِندو....۽ بس.

ايسر ڪلياني،
/247بي، جيرپيٽڪا،
ناگپور – 440014

شاعر بابت .....

غزلن جي هن مجموُعي جي شاعر شري ونود هرديالداس آسوُداڻي جو جنم ا جنوري 1959 ع ۾ ناگپور ۾ ٿيو. ڄائي ڄمر ڪان اڪيُن جي جوت نه هجڻ ڪان پوءِ به هوُ پڙهائي ۾ ننڍپڻ ڪان ئي هميشھ اول رهيا آهن. 1988ع ۾ هنن ڪُرويز نيوُ مادل هاءِ اِسڪوُل مان مئٽرڪ جو اِمتحان 90 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪيو. اِمتهان ۾ هن ميرٽ لسٽ ۾ 17 نمبر حاصل ڪيو. 1992 ۾ ناگپوُر يوُنيورسٽيءَ جي بي.اي. جي امتحان ۾ هڪ پيرو وري هنن پنهنجي پرتيبا جو چمڪندڙ چهرو حاصل ڪيو ۽ اُتي پنجون نمبر آيا. وري 1995 ۾ اوهان ناگپوُر يوُنيورسٽيءَ جي انگريزي ڊپارٽمينٽ مان ايم.اي. انگريزي ساهتيه جو اِمتحان پاس ڪيو. هن اِمتحان ۾ هنن سڄي يوُنيورسٽيءَ ۾ به اول درجو حاصل ڪري سونو ٻلو حاصل ڪيو.
تعلِيم جي ڪيٽر ۾ اوهان جا ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اُن حصلات جو ورنن ديشي توڙي وديشي ڪتابن ۾ ٽيل، جنهن مان ڪجھ هن ريت آهن،

پارٽ مان شايع ٿيندڙ، لمڪا بوڪ آف رڪارڊس
پارٽ مان شايع ٿيندڙھوُ از هوُ مين ائنڊ ومين آف ڊِسٽنڪشن
اميريڪا مان شايع ٿيندڙ، 5000 ليڊرس آف دي ورلڊ
برٽانيا مان شايع ٿيندڙ، آئوُٽسٽئنڊنگ پيپل وف ٽوٽيئٽ سينچُري
پارٽ مان شايع ٿيندڙ، ايسين اميريڪن هوُ از هوُ
ناگپوُر جي "چوڪ سنسٽا اوهانکي "ناگپور رتن" جو اوارڊ ڏنئي سمانت ڪيو آهي. مليشيا جي اينسٽيڊ يوُنيورسٽي ائڊوائزري ڪائونسل تي اوهانجي آنرري ميمبر جي روُپ ۾ چونڊ ٿيل آهي .
پاڻ سنڌي، هندي ۽ انگريزي پاشائن ۾ پنهنجو قلم هلائيندا رهيا آهن. فلاسافي، منو وگيان، سماج شاستر، شطرنج، سنگيت ۽ اِهڙا گھڻا ئي سندن رُچيءَ جا ڪيٽر آهن .
گھڻا ئي پيرا پاڻ ريڊيو ۽ دوُردرشن تان ڪاويه پاٺ ڪري چُڪا آهن. هن ڪتاب کان پھريِن سندس ٽي ڪتاب –

اڏوُرا آسمان (هندي غزلن جو مجموُعو) ننڍي پاڻ راجيش آسوُداڻيءَ سان گڏ
ائن ايِزي اپريچ ٽُ سوشل سائنِس (انگريزيءَ ۾) شاھ ٽيل آهي.
سنڌي غزلن جو مجموُعو "چنگوُن چڪگووڻ" (ديوناگري لپيءَ ۾ شايع ٽيل آهي.

هن وقت اوهان ناگپور جي شري رامديو بابا ڪملا نهروُ انجنيِئرنگ ڪاليج ۾ پروفيسر جي پد تي ڪاريه ڪري رهيا آهيو.

گوپ هِراني

شاعر جي قلم مان.....

مونکي پڙهندڙن جي هٿ ۾ هيءُ پنهنجي عزلن جو سنڊيءَ ۾ ڇپايل ٻيون مجموُعو ڏِيندي بيحد خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو آهي.

ننڍپڻ کان ئي سنڌي شعر ۾ گهڻي دلچسپي رهي آهي. سنڌيءَ جا ناميارا شاعر جهڙوڪ نارايڻ شيام، هري دلگير، ارجن حاسد ۽ ايم.ڪمل وغيره جا شعر مان ننڍي عمر کان ئي پڙهندو ايندو آهيان. هنن ادِيبن جي شعرن مان موُن گهڻو ڪجھ پرايو آهي.

اڄُ غزل جي ڪيتر ۾ نه رڳو پيار، محبت جو جذبو بيان ڪرڻ تائين محدوُد آهي، پر غزل زندگيءَ کي هر ڪٽي منٽي احساس کي بيان ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. هر طرح جو احساس، امنگ، درد، خوشي وغيره سيني پاوناڻن کي غزل ۾ شاعر بخوُبي بيان ڪري سگهي ٿو. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي ته غزل اڄُ هن مقبوُل مقام تي اچي پهتو آهي.

تخليق پنهنجو پاڻ ۾ هڪ ڏکي ۽ رهسيه پريل پرڪريا آهي. تخليق ڪيئن ٿي ٿئي، ان جو ڪو سڌو سنواٽو جواب ڏيڻ تمام مشڪل آهي. اُپرندڙ سج جو نڪرڻ، سنجها جي ويل لهندڙ سج جو نماڻو سروُپ، ٽاڪ منجهند جي وقت وسندڙ گرميءَ جا اولا، رات جو گهرو سناٽو، سمند ۾ ٽپا ڏِيندڙ لهروُن يا ڪناري تي پِڳل ريتيءَ جو ڪو ڪڻ، آڪاش ۾ ترندڙ بادل، چند جي شِيتل چاندوڪي، تارن ستارن جو ٽمٽمائڻ يا وري ڪو سڏ،ڪو سُڏڪو، ڪو اڌوُرو خواب، ڪا تڙفندڙ تمنا، ڪو درد، ڪو منجهيل احساس، ڪو جهوُمندڙ جذبو، ڪا منٽي مرڪ، ڪو پِڳل ٻنڌن، ڪو رُنل رشتو، يا وري ماضيءَ جي مهڪ، ڪا مستقبل جي آهٽ، ڪا دل جي ڌڙڪن، ڪنهن پير جا نشان، ڪنهن هٿ جو ڇُهاءُ، ڪنهن اک جي گهرائي، ڪنهن پايل جي جهنڪار، انهن مان ڪهڙي ڳالهه ڪڏهن شاعر جي دل کي ڇهي وڃي ۽ هوُ انکي قلمبند ڪري شعر جو، ڪوِيتا جو روُپ ڏيئي ڇڏي، ڇئي نه ٿو سگهجي.

مونکي ڪنهن اسڪوُل يا ڪاليج ۾ سنڌي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعونه ملي سگهيو آهي. ننڍپڻ کان اسانجي مرحوُم پتا صاحب شري هرديالداس آسوُداڻيءَ مونکي ۽ اسان سڀني ڀائرن پينرُن کي هفتيوار سنڌي اخبار "هندواسي" پڙهي ٻڌائيندا هئا. هن اِخبار ذريعي الڳ الڳ سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن کي ٻُڌڻ جو موقعو مليو. اڄُ ڏينهن تائين منهنجي ماتا صاحب شريمتي لڪشمي آسوُداڻي عه رڳو سنڌي اخبار پر عربي لپيءَ ۾ ڇپيل سنڌي شاعرن ۽ ليکڪن جا ڪتاب پڙهي ٻُڌائيندي آهي. اڄُ اگر مان سنڌي غزل لکڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان ته اِهو منهنجي ماتا پتا جي آسيس جو ئي نتيجو آهي. مان پنهنجي پياري ڏرمپتني آرتي، ڏيءُ آستا ۽ ننڍي پُٽ ونيه جو به ٿورائتو آهيان جيڪي نه رڳو هر قدم تي مونکي ساٿ ڏين ٿا، پر هنن پنهنجي پيار سان منهنجيءَ شخسيت ۾ گهڻا ئي خوبصورت رنگ پريا آهن.

مان سنڌي ٻوليءَ جي مهان ادِيب مرحوُم شري هري دلگِير صاحب جو به ٿورائتو آهيان. هنن صاحبن مونکي شعر جي بحر ۽ وزن ڏيڻ جي به ڪرپا ڪئي آهي.

سنڌي غزل جي بادشاه ارجن حاسد جو مان تحيدليءَ سان شڪرانا ادا ڪرڻ ٿو چاهيان. مان هنن جي شعر کان ننڍپڻ کان ئي متاثر ته هوس ئي پر جڏهن مونکي پچمڙهيءَ ۽ خجُراهو وارن اڪل يارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سيا طرفان ڪونايل سيمينارن ۾ روُبروُ ملڻ جو موقعو مليو، منهنجيءَ دل ۾ هنن جي لاءِ شرڌا ۽ عزت وڌي ويئي. مون ناچيز جي نماڻي وينتيءَ کي قبوُل ڪري حسد

صاحبن نه رڳو هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو آهي، پر هُنن هر هڪ غزل پنهنجي عالماڻي نظر مان ڪڍي، بحر، وزن، بولي‌ءَ جون جيڪي به گهٽ وڌايوُن هيوُن سي درست ڪيون آهين حاسد صاحب جي ان رهنمائي‌ءَ کان سواءِ هي‌ءُ منهنجو "باھ جوُن پاڑوُن" اوهانجي مبارڪ هٿن ۾ هن سهڻي انداز ۾ نه پهچي سگهي هان .

حقيقت ته اِها آهي ته مون سيني کان پهرين هندي بولي‌ءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو. ناگپور جي سنڌي ساهت سيا جي صدر شري ايِشر ڪلياڻي‌ءَ ۽ ٻين ساٿيُن مونکي سنڌي‌ءَ ۾ لکڻ لاءِ همٿايو. ڏيِري ڏيِري مان سنڌي‌ءَ ۾ قلم آزمائي ڪرڻ لڳس. منهنجي همٿ افزائي ڪرڻ لاءِ مان ناگپور جي سنڌي ساهتيه سيا جي سيني ساٿيُن جو شڪرگذار آهيان .

مان شري ايِشر ڪلياڻي‌ءَ جو نه رڳو انهي لاءِ ٿورائتو آهيان ته هنن مونکي وقت به وقت سنڌي‌ءَ ۾ لکڻ لاءِ پئي همٿايو آهي، پر هنن پنهنجي مصروُف زندگي‌ءَ مان وقت ڪڍي ڏاڍي قرب سان هن ڪتاب جي عربي لپي‌ءَ ۾ دستخت تيار ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ۽ هڪ اهميت پريو يوگدان ڏنو آهي.

مان شري هري پنڪج جو به ٿورائتو آهيان، جنهن هن ڪتاب کي سندر روُپ ۾ ڇپائي اوهان تائين پهچايو آهي. آخر ۾ مان پنهنجن سيني پائرن پينرُن ۽ ادبي ساٿيُن جو شڪرگذار آهيان، جن وقت به وقت منهنجا غزل بُڌي پنهنجي قيِمتي رايا پئي ڏنا آهن.

اوهانجو پنهنجو،

ونود آسوُداڻي،

ڏيارِي، 12 نومبر 2004

پتو :

/45ڊي، هيموُ ڪالاڻي چونڪ، جرِيپٽڪا، ناگپور – 440014

موبائل : 7028953456

ڪجھ مان چوان.....

اڪل پارت سنڌي بولي ۽ ساهت سڀا جي ليڪڪ سيمينار تي 2002 ۾ پڇمڙهيءَ جي دلڪش هل استيشن تي ايسر ڪلياڻي ۽ گوپ هيراڻي بن يائران ونود آسوُداڻي ۽ راجيش آسوُداڻيءَ کي ونڊي آيا. سندن هڪ حواس (نوُر) جائي جم کان بلڪل ڪم نه پئي ڪيو. پر پنهنجن ٻين حواسن سان گڏُ ، اندر جي نوُراني حواسن سان سرگرم بهرو ونڊ تي هنن صاحبن سينڊي کي ايتري ته حيرانيءَ ۾ وجهي ۽ موهي ڇڏيو جو هرڪو سندن اِردگِرد پيو رهي.

اُتي ئي منهنجي به ساڻُن واقفيت ٿي ۽ کين پنهنجو لکيل ڪهاڻيُن جو مجموُعو هڪندي پيٽ ڪيُم ته منهنجي هڪ ڏسي چيائين "توهان کو به خيال نه ڪريو، اسان سڀ گڏجي ويهي ڪهاڻيوُن پڙهنداسين. اسانجي ماڻُ ۽ ونود جي پتني پڙهي ٻُڌائيندیون".

ٻن هفتن ۾ رايو به موڪلي ڏنائوُن ۽ اجا هاهر ڪيائوُن ته اهي ڪهاڻيون هوُ انگريزيءَ ۾ الٿو ڪرڻ چاهن ٿا. ساڻ ساڻ پنهنجو هنديءَ ۾ چپيل غزلن جو مجموُعو "اڏوُرا آڪاش" به موڪلي ڏنائوُن. موُنکي نه هندي ۽ نه ئي ديوناگري چگيءَ طرح اِيندي آهي انڪري بنا پڙهڻ جي ئي چُپ رهيُس.

سال کان پوءِ وري 2003 ۾ ساهت سڀا پاران ڪونايل سيمينار ۾ خجوُراهو جي مندرن واري ماحول ۾ گڏياسين. سڄي ڏينهن جي پروگرام کان پوءِ رات جو چگا شاعر ارجن حاسد، ناري لڇواڻي ۽ ٻيا 15-20 شاعر چاندوڪيءَ جي ڪشش ڪري اچي مشاعرو ڪندا هئا. مان شاعر ڪون آهيان، پوءِ به هنن جي وچ ۾ ڪانوَ وانگر ڪُنڊ ونڊي اچي وهندو هوس. هڪ رات ونود صاحب به اچي پاسي ۾ وينو. منهنجي واري اچڻ تي موُن چيو " پائي، مان شاعر ڪونه آهيان." تنهن تي پاسي ۾ وينل ونود چيو"پنڪج صاحب، توهان مهنجُن غزلن تي ڪو به رايو ڪونه موڪليو، اِئين چو ٻلا؟ " مونکان عجب گاڏڙ ڇرڪ نڪري ويو. پڇيومانس،" توهان کي بنا ڏنڊي ڪِئن خبر پئي ته مان هري پنڪج آهيان".

ڪلي ڪري چيائين، "سال اڳ ۾ پڇمڙهيءَ ۾ ڏهه منٽ گالهايو هئوسين. بس، آواز ياد اٿم".

نه صرف تخليقي علم ۾ پر زندگيءَ جي هر پهلوُءَ ۾ پنهنجي باهرئين ۽ اندرئين نوُراني ۽ غٻي حواس کان گڏيل ڪم ونندڙ هيءَ اديُت شخصيت 2004 ۾ منهنجي گهر اچي پهتو ۽ صاف ستري غزلن جي باقائدي لکيل ڪاپي هٿ ۾ ڏِندي چيائين،" هيءُ مجموُعو سنڌي عربي لپيءَ ۾ ته ڇپائي ڏيو. پنهنجي ولر کان وڇڙي ويو هوس".

مون ۾ ته جمبش اچي وئي ۽ ڪيتريون راتيوُن اهي غزلوُن ور ور ڪري پيو پڙهندو آهيان، توهان پاڻ ئي پڙهو.

هري پنڪج

سونھن هر هر ڏسڻ جي عادت آ،
باھ ۾ هٿ وجھڻ جي عادت آ.

يل هجي ڪيتري پري منزل،
پنڌ مُونکي ڪرڻ جي عادت آ.

دل چوي چُپ ڪري وِهڻ سِکُ توُن،
ساهُ هوريان کڻڻ جي عادت آ.

ٿوري ٿوري ڪُلڻ جي عادت آ،
ڳالھ چوندي کلڻ جي عادت آ.

تون دري در نه کول منھنجي لاءِ،
پت پيجي گھر اچڻ جي عادت آ.

مان خودا کي چو ويھي ٿو ٻاڌايان،
نالو تنھنجو ڳُنھڻ جي عادت آ.

مونکي ڪوئي چگّو چوي نه چوي،
چا ڪيان سچُ چوڻ جي عادت آ.

چو ٿا سوُريءَ تي اُن کي لٽڪايو،
صرف جنھن کي لکڻ جي عادت آ.

پنڌ کان اڳُ ئي ٽڪُ ٽيڻ لڳو آ،
خار وانگُر گل به چُڀڻ لڳو آ.

جيستائين وڏا ٽين پاڇا،
سج اولھ ۾ ڏُس لھڻ لڳو آ.

ھُو نوان ڪپڙا ڪين پائيندو،
ھِڪُ پراڻو لٽو سُبڻ لڳو آ.

روئي روئي سُڪي ويوُن اکڙيوُن،
آلي ڪپڙي سان ڏُس اُگھڻ لڳو آ.

ھُو رُئڻ جو به فن سکي ويندو،
سوڏڪا ھوريان ڏُسو پرڻ لڳو آ.

محبت سان جبلن کي ڳرندو ڏٺوسين،
پراون کي خوش ٿيندو کلندو ڏٺوسين.

نه درياھ ھو گھرو، نه طوفان لڳو پئي،
الائي ڇو ڪشتيءَ کي ٻوڏندو ڏٺوسين.

عقل ٿورو آھي مگر خوش رھوُن ٿا،
گھٽي سمجھ وارن کي مجھندو ڏٺوسين،

پاڻ کي پاڻ کان چڏائي ڪو،
ڪير آهيان اِهو ٻُڌائي ڪو.

دَردَ دل ۾ ايا ڪچا آهن،
باھ ٻاري وري سِجهائي ڪو.

چا ڪريان ياد ڪيِئن وساريان مان،
ايترو ئي اچي ٻڌائي ڪو.

گر خدا کي نه ڏو مجي دلبر،
ساري دنيا ڏسان ملائي ڪو.

روئي روئي وري ڪلي چو ٿو؟
هوُ چريو آ مگر وڻي چو ٿو؟

آسمان تي ڪڏهن نه پهچي هوُ،
پوءِ به پنڇيِ متي اُڏي چو ٿو؟

وڻ اڃا ٻوُر پڻ جهليو ڪونهي،
ٻار پٿر ڪٽي، هڻي چو ٿو؟

مونکي تنها ڇڏي وڃڻ وارو،
منهنجي ڏاڪڻ ٻلا، چڙهي چو ٿو؟

هوُ به ديِوانو ٻڌجي پيو آهي،
شعر منهنجا رڳا پڙهي چو ٿو؟

محبت جو جذبو وساري ڇڏيوسين،
ڪيي دل کي ٽڏڙا سمهاري ڇڏيوسين.

نه مونکان پڇو هاڻي مان ڪير آهيان؟
وسيلو لُڄاڻپ جو، ساڙي ڇڏيوسين.

رهي باقي منهنجي نه کاتي ۾ ڪجھ پيي،
حياتيءَ جو پل پل گذاري ڇڏيوسين.

نه ڪائي تمنا رهي ۽ نه اُڻ تُڻ،
اگڻ دل جو يارو ٻُهاري ڇڏيوسين.

سُنو ڳوٺ پنهنجو اباڻو وطن هو،
ورهيه ٽيا سنڌوءَ جي ڪناري ڇڏيوسين.

پاڻ کان پوءِ ٿو لڳي اونده ۾،
ڪين کا چيز وڻي اونده ۾.

ڏينهن ڪيئن ڪٽيئن نه وجي گذري ٿو،
وقت ڇو ڪين ڇُري اونده ۾.

رات ساري سو پڙاڏو ٻُڌجي،
هوريان گر ڪوئي سڏي اونده ۾.

دل جو دمرو به ته خالي آهي،
ڪو اچي رات رهي اونده ۾.

ڪيڏو مشڪل آ ديڍي ڪٽيئن سگهبو،
ڪوئي ڪنڌو جي ڇيي اونده ۾.

کا به حسرت نه آ دل ۾ باقي،
بيقراري تي ڏنگي اونده ۾.

درد رھندو اِئين مرڻ تائِين،
زندگيءَ جو سڀُو ڏُنڊ تائِين.

آھي پاڻي يا مئه پيچو چو ڏا،
فرق لڀَندو آ پيِئڻ تائِين.

ڪير رُئندو اچي اسان سان گڏ،
دوست آھن رڳو چوڻ تائِين.

پيار جو ھڪ ڏٺو جلائي رک،
رات گذري سھر ٿيڻ تائِين.

توُن نه رھُ موُنسان عمر تائِين پل،
ساڻ ڏي ساھ ڪي کٽڻ تائِين.

زندگي ير نه مل ڪڏھن موُنسان،
ڪا ته حسرت رھي مرڻ تائِين.

ڪا دوا يا دُئا، نه فرق آھي،
مان ته رھندُس چريو مرڻ تائِين.

قرب جو ڪڙو ڪڙڪائي ڏسجانءِ،
لِيئو دريءَ مان پائي ڏسجانءِ.

هوُندو سنڌيِ ته در کولِيندو،
شاھ جو نغمو ڳائي ڏسجانءِ.

آلاڻ اکيُن ۾ ڏاڍيِ آ،
اُس نڪتيِ آ سُڪائي ڏسجانءِ.

ٿيندو ويندين ويجھو خُدا جي،
ٻار کي ڪنھن پرچائي ڏسجانءِ.

تنھنجا خواب اکين ۾ ھوندا،
اڏُ ننڊ مان جاڳائي ڏسجانءِ.

ڇِھوُن ڇِھوُن ٿيِ ويندين توُن،
ڪنھن سان دلڙيِ لائي ڏسجانءِ.

ٿورو اکرن سان کيڏڻ ڏي،
چَند سَلا من ۾ اُپرڻ ڏي.

اوُنده ۾ گُم ٿي ويو آهي،
وجوُد پنهنجي کي ڳولهِڻ ڏي.

اڄُ هوُ سِر پڻ لاهي ڏِيندو،
ٻِيجل بڻجي چنگ چورڻ ڏي.

سڳو وڃي ٿو عمر جو ڪُلندو،
گهڙيوُن کي ڪاڳر ۾ ويڙهڻ ڏي.

ذهن سڃو وڪڻي کاڏو موُن،
خواب بچيل آهن، وڪڻن ڏي.

وراثت جا خالي کوکا سيُ،
باھ جلائي هڪ ساڙڻ ڏي.

ياد جي ڪنهن ويِران ٻنيءَ ۾،
فصل سِنڌيت جو پوکڻ ڏي.

موُن وري زندگي پڻ ڏٺي، سڄ لٽي،
سار پنهنجي اچي جڏ لڏي، سڄ لٽي.

ڇانو ڳولهيِندو ڳولهيِندو آيُس هتي،
تنهنجي پاڇي کا حسرت ڏٺيِ، سڄ لٽي.

ڪشمڪش ۾ سڄي عمر گذري وئيِ،
سانت سان ڪيِئن وهان گهڙيِ، سڄ لٽي.

ساهُ ٻوساٽجي ڪيڏيِ گرميِ گهٽي،
شڪر آ هوا ٽيِ هلي، سڄ لٽي.

ڪنهنجي ڳولها خبر ناهي ڇو ٽيِ ڪري،
زندگي جڏ لڳي ٽيِ چريِ، سڄ لٽي.

ڪٽ جي واڌڻ ڪوئي ڇڪي وينو،
زندگيءَ سان به جڙ وڙهي وينو.

ڪيس بھڻ ته اِيندو ڪونھي،
ننڊ ۾ پڻ ڏُڻُم ڇُري وينو..

ڪير ٻُڌندو نه ڪنھن ٻڌو آھي،
واڪو واڪاڻ ھوُ ڪري وينو.

ھن کي ويڙھو ڪٽي به ڪون آھي،
آرسيءَ سان ته سچ سلي وينو.

ڪا ته ڳر، ڪور ڪجھ ته ھٿ اِيندو،
وقت کي ڦل جيان ڇِلي وينو.

جنگ ڪنھن ڪيِئن ڪرائي، ڪير پچي،
ماڻھوُ ماڻھوُءَ لي بس ڪھي وينو.

ڪوئي ڇِيِياڻجي وجي ته وجي،
روز ڊِڪندو آ جو ڊِڪي وينو.

ڪا خوشي، ڪو ته غم، گھُري ونندُس،
هن کان مان ڪا ته سوُکڙي ونندُس.

صاف دل کي ڪرڻ ضروُري آهي،
مان ته بازار مان، مُئي ونندُس.

هڪ سُئي هڪ سڳو ڏئي ڇڏ توُن،
گُلن جو هار مان پُئي ونندُس.

توُن هوا آهين پر هوا کي پڻ،
مان ته خوشبو بڻي، ڇهي ونندُس.

سارو سامان گھر جو وڪڻي پڻ،
سنڌ جي ٿورڙي مٽي ونندُس.

لهندو سج هُن به اڄُ ڏٺو هوندو،
دل ئي دل ۾ ته ڪجھ چيو هوُندو.

پنهنجي گھر جو پتو پڇي وينو،
هوُ به مون جھڙو ئي چريو هوُندو.

هوريان هوريان هوا هلي ٿي اڄُ،
ٻُور ڪنهن وٽ نئين جهليو هوُندو.

ڪي ڪٽا سونهن جا چٽيا گھر ۾،
چنڊ کي ارڳ هن ڏٺو هوُندو.

رهندون رهندون سڃو ذهن ٿي پيو،
سوچ جي ننهن سان ڪنهن ڪنيو هوُندو.

ڪڏھن ڪيئن ڪنھنکي مان ڪجھ يار چوندُس،
فقط پنھنجي ڏن ۾ مگن مان ته رھندُس.

سجڪٽپ مان توکي ڏيان ڪھڙي دلبر،
ڏيئو بڻجي طوفان سان وڙھندو رھندُس.

نه ديوار ڪافي، نه ڪائي ھجي ڇت،
محبت جي ڳولھي مگر ڇانو لھندُس.

نه ڪائي خوشي آ، نه غم آھي ڪوئي،
چرين سان چريو ٿي پيو آنءُ نچندُس.

سلا زھر جا سيُ ڪڍي مان بنيءَ مان،
محبت جو ٻُوٽو فقط ھڪڙو ھٽندس.

ڪيان ڇا مان ھيرا، ڪيان ڇا مان ماڻڪ،
اڇي تنھنجي ڇانئڻ مٿي ٿوري ڇُمندُس.

پيار ونڻ ڇا سئلو آهي؟
سُونهن بڻ ڇا سڻلو آهي؟

تنها تنها وينو آهيا،
روز رُئڻ ڇا سڻلو آهي؟

پٿر پٿر ڪندا ڪندا،
پنڌ هلڻ ڇا سڻلو آهي؟

ياڳا ياڳا ٿي پيو آهيان،
ساهُ ڪٽڻ ڇا سڻلو آهي؟

گسَهرو درياهه ڪشتي ناهي،
پار وڃڻ ڇا سڻلو آهي؟

اُونداهيون اُونداهيُون راتيُون،
چند ڇُهڻ ڇا سڻلو آهي؟

ڀڄي ڀُري پيا آئِينا سپ،
پاڻ پسڻ، ڇا سڻلو آهي؟

شهر جا لوڏا ڪائي ڪائي،
ڇڏُ مرڪڻ، ڇا سڻلو آهي؟

تُون موُن جهڙو، مان تو جهڙو،
فرق ڪرڻ ڇا سڻلو آهي؟

ڳُلُ شڪل وڻ سان توُن لڳائي ڏِس،
ڪو ته سنتوش دل جو پائي ڏِس.

ڳالھ موُن تي ته ڪا اثر نه ڪندي،
ڪوئي خنجر توُن آزمائي ڏِس.

قوُڪ ٿوري ڪڏھن زروُري آ،
باھ ٽاندن مان توُن جلائي ڏِس.

ٻه ڪنارا ٻڳ ٿي رھڻ چاھن،
پل ته دريا سڄو سُڪائي ڏِس.

ناھي پائڻ خودا کي پڻ اوکو،
صرف چائڻ تي سر جھڪائي ڏِس.

سَرءُ جا سُڏڪا ڪو ٻُڌي ته ڏسي،
درد دل ۾ سانديي رکيِ ته ڏِسي.

ڪيڏيِ مضبوُت دل رکان ٿو مان،
ڪوئي پٿر اچي هڻي ته ڏِسي.

پيار ۽ سونھ جو معيار چاهي،
شخس ڪو هن سان بس ملي ته ڏِسي.

اوُنهو دريا به پار ٿيِ ويندو،
ڪوئي ٿوري همٿ ٻڌيِ ته ڏِسي.

زخم گھرا به مان سُبي جاڻان،
ڪو سڳو ۽ سُئيِ ڏئيِ ته ڏِسي.

ايڏا نازڪ رشتا آهي، هٿ لڳڻ سان ڀُري پيا،
سوچي سوچي ٻڌم به ڏاڪا، هٿ لڳڻ سان ڪُلي پيا.

جيڪي پٿر دل هئي سي پڻ، رُئن رڙن ٿا هاڻي،
زندگيءَ سان گفتگوُ ڪندي الائي ڇو ڇَلي پيا.

جاڳي جاڳي ڪيڏيوُن راتيوُن، مونکي آخر ننڊ آئي،
زور زور سان سڏ ڪيا ڪنهن، خواب مڙيوئي ڏُٽي پيا.

چئو پلا گُل ڪيستائين ٽاريءَ تي مُرڪن ۽ مشڪن،
هوريان ڪنهنجي وات نهاري شام جو آخر ڇڄي پيا.

ڪين آيو عظر ڪوئي مونکي، موُن جهڙو ڪٽي عڪس،
آئينا ڪيڏا الائي ڏسندي ڏسندي ڀڄي پيا.

چانو ۾ هڪ گھڙي وگڙ ڏي ڪڏھن،
پاڻ کي پاڻ سان، ملڻ ڏي ڪڏھن.

چھرو منھنجو بدلجي ويو آھي،
آرسيءَ ۾ وري ڏسڻ ڏي ڪڏھن.

بند دروازي مان اچي ڪئن اُس،
اولڙو پت تي هڪ، ڪرڻ ڏي ڪڏھن.

ڪين مونکي ڪپي خزانو ڪو،
ڪي گھڙيوُن پاڻ پٽ وگڙ ڏي ڪڏھن.

اُس جا ڪجھ تروڑا رکيم چپ تي،
بس رُڳو چنڊ کي چمڻ ڏي ڪڏھن.

ڪنھن نه سمجھو نه ڪوئي سمجھي ھان،
ليڪا پاڻيءَ تي ته به ڪيڏ ڏي ڪڏھن.

بند مُنڌ آهيان مان، ڪُلي پوندُس،
هٿ لڳائڻ سان ئي، پُري پوندُس.

داستان توکي ڪيئن ٻُڌايان مان،
چوندي چوندي ئي پڪ، ڇُلي پوندُس.

وقت کي ڪئن ٻَڌي رکان يارو،
آهيان ڏاڍو ڪچو، ٽُٽي پوندُس.

ڪا اداوت هوا سان ڪانهي پو،
ٻُور آهيان اڃا، ڇڻي پوندُس.

مان يُگن جو پُراڻو ائينو،
چو ٿا پٿر هٽو، ڀڄي پوندُس.

روُح بنا بس جسم مِلڻ ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي،
پاڻمرادو ڇڻ چريا ڪلن ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي.

سُجيوُن سُجيوُن سي بستيوُن آهن، موڳا آهن شهر گهٽيوُن سي،
ڪچپتليُن جيان ڪي ته نچن ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي.

ڪوڙ وڇائڻ ڪوڙ ٿا پائن، پوءِ به پاڻ کي مُکي چوائن،
پاڻ پڌائي گهٽا هلن ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي.

جيِئڻ جي چاهن، جيِئڻ نه سڱُلو، مجڻ جي چاهن مرڻ نه سڱُلو،
هوريان هوريان ساهُ ڪڍن ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي.

سيني جي هٿ ۾ خنجر آ، قاتل کي ڇُ ڪيِئن سڃڪٽان؟
چيهرا ساڳيا ئي ته هجن ٿا، هن چوَراهي هن چوَراهي.

ساز پُراڻي کي چورڻ ۾، وقت ته لڳندو آ،
وسريل ورقن کي کولڻ ۾، وقت ته لڳندو آ.

هر هند ڪِيئن توکي ملندو ڇڏُ، پٽر ناهي هوُ،
هيري کي ڳولهڻ ۾، وقت ته لڳندو آ.

هڪ آيو هو جهونڪو هوا جو، ڌاهي ويو سيُ سپنا،
ريتيءَ جا ڪي گهر ناهڻ ۾، وقت ته لڳندو آ.

يادن جا پن شڪل هجن يا خوشبوءِ جيان تازا،
ذهن جي وڻ کان ڌار ٿيڻ ۾، وقت ته لڳندو آ.

گل ڦل ميوا سُهٽا سُرها، بعضي مرجهايل،
بنا ڏندن جي سواد چکڻ ۾، وقت ته لڳندو آ.

آس جي تڙڪيءَ کي پکڙڻ جي کوشش کريان،
هٿ سان پربت کي ڏيڏڻ جي کوشش کريان.

تتل ڏرتيِ آهي، پير اُگهاڙا آهن،
پوءِ به يارو، پنڌ هلڻ جي کوشش کريان.

زندگيِ ناز تنهنجا ڏکيا ٿا لڳن،
ننڊ ۾ ٿو وفلڻ جي کوشش کريان.

چيز کا کڻِن حاصل ٿيٽيِ آ کڏهن،
مان ٿو پاڻي ولوڙڻ جيِ کوشش کريان.

کو سهي يا غلت تي به سوچي نه ٿو،
مان اُسوُلن کي پاڙڻ جي کوشش کريان.

مونکي ڪيئن ڪو زندگيءِ سمجهي؟
ڪيئن انڌيرن کي روشني سمجهي؟

آ چوڻ سڱُلو، پر ڪرڻ اوکو،
ڪيئن ڪو خواهشن کي تشنگي سمجهي؟

مان ته ديوار در بنا رهندُس،
جنهن کي جئن پي وڻي، وجيءِ سمجهي؟

ڪهڙو ٿيندو آ درد جو نالو،
جنهن کي دل آهي سو ڀلي سمجهي؟

ڪيئن لکندُس مان لفظ ڪاڳر تي،
ڪوري ڪاغذ کي ئي ڏسيءِ سمجهي؟

پيار کي ٿيندي پنهنجي ٻولي آ،
طنز کي پڻ تو بيرُخي سمجهي؟

(حاسد جي قلم مان)

اندر اندر جھرندو آھيان،
ٻاھر ٻڙڪ نه ڪڍندو آھيان.

پائڻ منزل مقصد ناھي،
پو به سدائِين ڊُڪندو آھيان.

مون جھڙو ڪو پاڳل ناھي،
ڪن ۾ ڪلندو رُئندو آھيان.

ذھن ۾ تنھنجي يادن جا گئل،
پوکي خود ئي لُڻندو آھيان.

شام جو پل ڊيڄارِيندڙ آ،
بند ڪري در وھندو آھيان.

موُن وٽ نلندءِ خواب ٽٽل سپ،
ٽڪرا سانڍي رکندو آھيان.

گھر به خود گھر هجڻ ضروُري آجي،
منهنجي پر ۾ وهڻ ضروُري آهي.

سڄ لهڻ سان تپت نه گهٽجي ٽي،
ڪٽي ساهي پٽڻ ضروُري آهي.

سچ ٻُڌائي نه قتل ڪر منهنجو،
مرڪي مجڪي آلڻ ضروُري آهي.

بند در توُن ڏسي نه موتي وڃُ،
در تي دستڪ ڏيڻ ضروُري آهي.

ڪفن لاءِ ڪو لٽو ملي نه ملي،
تنهنجي چنري هئڻ ضروُري آهي.

پاڻ جھڑو نه ٿو لڳي ڪوئي،
شخص کي شخص جي وڻي ڪوئي.

خوب آھي دُنھو چون ٿا سپ،
چٽگ جيان ٿو ڪٽي دکي ڪوئي.

شاعري ٿو ڪيان چوي ھرڪو،
شعر ڪنھنکي اگر چيي ڪوئي.

ٿو پڪاري خُدا کي ھرڪو ھت،
پر خُدا جي نٿو ٻڌي ڪوئي.

خوف ٿو موت جيان اچي وڌندو،
ڳالھ خنجر جي جي، ڪڍي ڪوئي.

شھر ڪُوڙو پچار ڪُوڙن جي،
سچ متان ڪو ھتي چوي ڪوئي.

اُس کي ڪيئن مان ڄانو ڇوان؟
بزم ۾ تنھا ڪيئن رھان؟

چنڊ جو ٽڪڑو مونکي ڏي،
آنءُ سڄو ڏو ڪٽي گھران؟

راھ گلن جي وک وک تي،
ٿورا ڪنڊا ڇو نه رکان؟

درد در وٽ رکي ڇڏيا،
ڇوڙين ته اندر ڪٽي اڇان؟

صرف ڇپن تي مرڪ رھي،
ٻيو ته خدا کان ڪجھ نه گھران؟

ياد رکڻو ڪونھي پر،
مان وساري به ڪيئن سگھان؟

تنھنجي اڳڻ جي ڪنھن ڪنڊ ۾،
آ تمنا اڇي وھان؟

ڀڳل آرسي آھي ھيءَ،
اولڙو پت تي ڪيئن وجھان؟

ڪورو ڪاڳر ڪٽي پڙھان وينو،
پاڻ سان پاڻ جڻ وڙھان وينو.

ڳالھ ڪائي به ناھي يار پر،
خوامخواھ ڇو اِئين ڇڙان وينو.

ڪيڏو مشڪل ھلڻ زميِن تي آ،
مان ھوا کان متي جڻ اُڏان وينو.

داستان پوُرو ڪيِئن پلا ٿيندو،
روز شروُعات کان لکان وينو.

زخم کاڏي صديون صديوُن گزريوُن،
يار مان ڇو اجان رئان وينو.

عڪس ڪو ذھن ۾ نه ٿو اُپري،
غور سان چھرا سي ڏسان وينو.

مونکي سمجھي مُئل ڇڏي ويا سي،
مان ته ھوريان ڏسو چران وينو.

ياد آهي اُهو گهر اجان ڳوٺ جو،
شهر ۾ پلجي ڪِئن مان رهان ڳوٺ جو.

پنهنجو آهي اڳڻ ڪين آهي پير،
ذڪر ڪنهن سان مان هاڻي ڪيان ڳوٺ جو.

ڪوئي سمجهي نه ٿو پنهنجو موُنکي هتي،
ڪون ٿو شهر ۾ ڪو ڏسان ڳوٺ جو.

هڪ پراڻو لٽو موُن سنيالي رکيو،
ڪفن آڻيان پلا مان ڪٽان ڳوٺ جو.

ادل ڪنيار آئين ڪڏهن ڳوٺ مان،
ڏي متيءَ ذرو مان، چُمان ڳوٺ جو.

چند تي روز مان ڪيئن وجان زندگي،
ڪنهن کي پنهنجو اِتي ڪيئن چوان زندگي.

اَجنبي هيءَ زمين، اجنبي عرش پڻ،
گهر ٻڌائي ڪٿي ڪيئن رهان زندگي.

گفتگوُ ڪا ته مون سان به توُن ڪر ڪڏهن،
توکي خاموش ڪيسين ڏسان زندگي.

مئڪدو يا وري ڪوئي مندر مجي،
دفن هر غام جتي مان ڪيان زندگي.

پير منهنجا فتيل، گوڏا آهن گئل،
ايترو تيز مان ڪيئن ڊڪان زندگي.

اڄُ سڳو وقت جو هڻُ ڇڏائي ويو،
زخم ڪنهن مُرڪ سان ڇءُ سِيان زندگي.

ترس هڪڙي گهڙي، گڏُ هلڻ جي گهرين،
خط ته هڪڙو خدا کي لِکان زندگي.

ايڏي مجبوُر مون اڃُ ڏٺي زندگي،
پاڻ کان ڇڻ ٽڪل پئي لڳي زندگي.

ڪي وکوُن چار گڏجي توُن مون سان به هل،
مان مُسافر، مُسافر بڻي زندگي.

شام جو، صبح جو، رات جو، ڏينهن جو،
هر گهڙي روُپ بدلي ملي زندگي.

ڪيڏو مضبوُط آ، وقت جو هي سڳو،
ڏِس ته ڪيئن ڪيئن رکي ٿي ٻڌي زندگي.

پل خفا، پل رُنل سي، گِلائوُن سوين،
تون نه مون سان ڪڏهن وڃُ رُسي زندگي.

اُف نه ڪر توُن زبان سان، نه ڇُ لفظ هِڪُ،
ڪِئن رهان چپ ڪري مان سڃي زندگي.

درد ڪيڏا مليا، لڙڪ ڪيڏا مليا،
چا ٻُڌايان مان تو کي چري زندگي.

وقت کان پڳتي هلڻ جي ڪوشش،
ڪجھ ڇئي پڻ نه چوڻ جي ڪوشش.

ها، ڪِريوُن منھنجوُن جي ٻاھوُن ڪتجي،
ته به ڪندس بار ڪٽڻ جي ڪوشش.

زندگي قفس ۾ گذري وئي،
چو ڪيان ھاڻي اُڏڻ جي ڪوشش.

ڪر يقين پل جي ڪرڻ چاھين توُن،
ڪر خدا کي نُ ڏِسڻ جي ڪوشش.

مُند برسات جي ته ناھي پر،
نيڻ چو ڪن ٿا وسڻ جي ڪوشش.

ڳالھ دل جي ڪڏھن چئي نه سگھيو،
چوت گھري اُھا، سھي نه سگھيو.

زندگيءَ جي ته ڳالھ ئي ناھي،
ڪي گھڙيئُون پڻ ڪٽي رھي نه سگھيو.

ڪيڏي منظل ھُو طئه ڪري آيو،
باقي ٿوريئُون وڪئُون ھو ڪٽي نه سگھيو.

چند داڻا ڏسي اڳڻ ۾ اڇُ،
پت تي وينل پکي اُڏي نه سگھيو.

بند اکڙيووڻ ڪري ھُو وينو آ،
تروڙي جي چمڪ ڏسي نه سگھيو.

چو ٿو متيءَ جا گھر فقت ناھي،
اِينٽ پٿر ڪڏھن ونيِ نه سگھيو.

ھن ڪڏھن پنھنجا ھٿ نه فھلايا،
ھُو خدا کان به ڪجھ گھُري نه سگھيو.

دوُر کان ڪيترا مِلڻ آيا،
ويجھو رھندي به ھُو اچي نه سگھيو.

هوائن جي اڄُ مان هلڻ کان ڊڄان ٿو،
مان خود کي به ڇڻ ڪجھ چوڻ کان ڊڄان ٿو.

هليو مان ته آيس، سندس در تي يارو،
مگر کيس سڏڻا ڪرڻ کان ڊڄان ٿو.

سُجاڻن هي ماڻهوُ سيئي ٿا مونکي،
مگر مان ته ڪنهن کان ملڻ کان ڊڄان ٿو.

سوالن پنيان آ جوابن جو وارو،
الائي ڇو مان ڪجھ پُڇڻ کان ڊڄان ٿو.

نوان رنگ آهي، نوان ڍنگ آهن،
زماني جوُن ڳالهيوُن سکڻ کان ڊڄان ٿو.

سنيالي سنيالي سڃڻ توُن به هلجانءِ،
ڏنل راھ تي پڻ هلڻ کان ڊڄان ٿو.

لڳا ڪيترا زخم دل تي ڇوان ڇا؟
فضائُن کي هاڻي ڇهڻ کان ڊڄان ٿو.

وڻ مان ھِڪُ پن سُڪل ڪِريو ھوُندو،
يا وري موُنکي ھُن سڏيو ھوُندو.

ڇو ائين درد دل ۾ اُپري ٿو،
مونکي ڪنھن ياد، اڃُ ڪيو ھوُندو.

آھي آلاڻ بند اکڙيُن ۾،
رات سُڏڪا پري، سُمھيو ھوُندو.

ڇو ڪري پيار ڪوئي موُندان ٿو،
گر ڪري ٿو ته پڪ چريو ھوُندو.

ڪيِئن منزل تي ھوُ اچي پھتو،
واٽ اوَکي ونيِ ھليو ھوُندو.

موَت ئي مرڪ ھڪ ڪڍي آيو،
ھوُ سڃي زندگي رُنو ھوُندو.

عِشق جي بازيِ ڏُکي آ پر ھڻي ڏِسُ،
توُن به برندڙ باھِ کي ھٿ ۾ کڻي ڏِسُ.

گذرندِين گر روشن گھٽيُن مان توُن ته چا ٿيو،
توُن ڪڏھن کن پر انڌيرن ۾ هلي ڏِسُ.

درد جيِ پيِڙا کي لفظن ۾ نه چءُ توُن،
ھڪ دفعو ئيِ دل جي غارُن ۾ لهيِ ڏِسُ.

ڪو به دلبر دل ونڻ واري نه ملندو،
چاهي دنيان ۾ هزارن سان مليِ ڏِسُ.

توُن به موُن وانگُر ديِوانو بڻجي پوندِين،
زندگيِءَ جوُن لاهيوُن چاڙهيوُن بس چڙهي ڏِسُ.

ملي زندگي پر اڏوُريِ اڏوُريِ،
ڏنم روشني پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

هيوُن دل ۾ ڪيڏيوُن ته آسوُن عميدوُن،
ڏني تو خوشي پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

چو غمگين آهي بهارُن جي خوشبوُ،
ڪِڙي چاندني پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

ويوُن باغ کان موڪلائي بهاروُن،
ٽڙي هڪ ڪليِ پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

خُدا موُن وٽ ڪيِئن اچي موُن سان ملندو،
ڪيم بندگي پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

حياتيِ سڄي آسري ۾ گزاريم،
ملينءَ هڪ گهڙيِ پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

صديُنِ کان نهاريُم فقط هڪ نظر لاءِ،
دريِ اڃُ ڪُليِ، پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

خُدا تو سان اڃُ مان ڪيان ٿو شڪايت،
تو قسمت لکيِ پر اڏوُريِ اڏوُريِ.

توُن ڪڏهن پاڻ کي وِساري ڏِسُ،
لڙڪ ڪنهن لاءِ ته توُن به هاري ڏِسُ.

ڪجھ رُئڻ مان نه ڪنهن کي حاصل ٿيو،
ڪنهن نه ڪنهن سان ته مسڪرائي ڏِسُ.

شخص هر هڪ خواب ڪِيئن هوُندو،
کي گھڙيوُن موُن سان پڻ گذاري ڏِسُ.

مئڪدي ۾ ڪڏهن نه ويندُس مان،
پنهنجي نيڻن مان ڪجھ پِئاري ڏِسُ.

آهيان جِيئرو يا مان مُئل آهيان،
هٿ سان اک سان ڪڏهن اُتاري ڏِسُ.

پنهنجي چهري تي داغ کي ڏسندِين،
بعضي آئِينو ۾ نهاري ڏِسُ.

خوف ناهي موت کان پر زندگيءَ جي ڳالھ ڪر،
باغ ۾ جي فول ناهن، ڪنهن ڪليءَ جي ڳالھ ڪر.

ڪا شڪايت ڪنِ آهي، هيءُ ته اوُنده جو جهان،
مرڪ آڻي توُن چپن تي، روشنيءَ جي ڳالھ ڪر.

درد وارو توُن به آهين، درد وارو مان به ڏِسُ،
درد وڏندو ئي رهي، ڪا باڪسيءَ جي ڳالھ ڪر.

هن زماني جي ڪڏهن موُن سان نه ڪائي ڳالھ ڪر،
جي ڪرِين موُن سان ته ڪائي شاعريءَ جي ڳالھ ڪر.

ڪوڙ آهن هت نديوُن پر ساھ سنڌوُءَ ۾ اٿن،
پنهنجي سنڌوُ، پنهنجي سنڌُ، پنهنجي مٽيءَ جي ڳالھ ڪر.

ڳالھ ڪنهن ڳذريل صديءَ جي ڇاڪوُن ويهي اورجي،
يار منهنجا ڪر ته ڪر بس، هن گھڙيءَ جي ڳالھ ڪر.

اقل وارا ڪيترا موُن وات منجهندي هت ڏِنا،
توُن ته ڪنهن احساس جيِم ڪنهن دل چريءَ جي ڳالھ ڪر.

درد حد کان ويو وڌي، پيِڙا به آڻت ٽي ڏٽئي،
لڙڪ ڳاري جا سگھي، اِهڙي خوشيءَ جي ڳالھ ڪر.

پنھنجن کان ئي مان وڇڙان ٿو، هوريان هوريان،
پنھنجن پيرن تي به بھان ٿو هوريان هوريان.

ڪير اچي ڪنھن کي اُلفت ڪيِئن سيکارِيندو،
پنھنجن غلطيُن مان نه سکان ٿو هوريان هوريان.

منھنجن سُڌڪن کي جو ٻُڌندو، روئيِ ڏيِندو،
پنھنجيُن اکڙيُن کي به اُگھان ٿو هوريان هوريان.

گُل کان پڻ نازڪ آھن، هي يادوُن تنھنجيوُن،
تنھنجا ڪي احساس ڇھان ٿو هوريان هوريان.

جڙ کا سنھڙي سار کڻي وينو آھيان،
ڇڇريل دامن کي ته سيان ٿو هوريان هوريان.

ڪيئن ٻُڌايان ڪھڙو آ ھوُ،
پنھنجن کان ڇڻ پنھنجو آ ھوُ.

رات سڄي موُن ويني گھاري،
پوئين پھر ۾ آيو آ ھوُ.

ڇو ھوُ موُنکي پيار ڪري ٿو،
ھر ڪنھن کي ڏِسُ وڻدو آ ھوُ.

خواب اکيُن ۾، مرڪ ڇپن تي،
ننڊڙن ٻارن جھڙو آ ھوُ.

ساوڻ جي ڪاريُن راتيُن ۾،
ککرن وانگر لڳندو آ ھوُ.

لڙڪ اکيُن ۾ ڪيِن ڏَناسين،
دل ئي دل ۾ لُڇندو آ ھوُ.

هوريان هوريان هوا هلي ٿي،
تنها آهِين توُن به چوي ٿي.

سمنڊ سڄو ڇو خالي ٿي ويو،
واري اڇُ ساحل کان پڇي ٿي.

چانڊوڪي راتيُن ۾ مونکي،
برپٽ جي ڪا لهر سڏي ٿي.

منهنجي گهر کي ساڻڻ خاطر،
شهر سڄي ۾ باھ ٻري ٿي.

جڳ سان مشڪي ٿو ڳالهايان،
اندر اندر دل ته جهري ٿي.

چو مان اجنبِيُن سان ملڻ آيو آهيان،
چو زخمن کي پنهنجي ڇُهڻ آيو آهيان.

ٻُڌم شهر تنهنجي ۾ پاڻي گهٽو آ،
مان اکڙيُن ۾ ٿورو پرڻ آيو آهيان.

چون ٿا ته اڄُ هُن لڳائي آ ميهندي،
جهلڪ هڪ هٿن جي ڏِسڻ آيو آهيان.

جُدا ٿي هوُ مونکان رهي ڪيئن سگهي ٿو،
گهڙي ڪنن تي گُذري ڏِسڻ آيو آهيان.

سڄي زندگي موُن تهہ اڪيلي گذاري،
اڪيلو نه رهجئن چوڻ آيو آهيان.

آرسيءَ کي ڏِسي ڏکي ويندو،
پاڻ کان دوُر هوُ پڃي ويندو.

آزموُدا ڪنا تو خوُب ڪيا،
ڪير دنيان مان چا کٽي ويندو.

گفتگوُ موَت جي حياتيءَ سان،
کي خبر پک ئي پک ٻُڌي ويندو.

هُن کي اوُنده سان خاص ياري آ،
هوُ انڌيرن کي آ وڻي ويندو.

وقت سان گڏ هلڻ ڏيو موُنکي،
وقت موُن کان به نه ته رُسي ويندو.

خواب اڏوُرا ڪٽيِ هليو ويو،
هڪ بازيِ نئينِ هٽيِ هليو ويو.

دريا جهڙيِ هُنجيِ فِطرت،
ساحل کي بس چُهي هليو ويو.

مان ويڳاڻو ويٺو آهيان،
هوُ پنڇيِءَ جيان اُڏريِ هليو ويو.

چوَراهي تي بيِٺو آهيان،
هوُ آيو ۽ مشڪي هليو ويو.

ڪيِئن چوان مان قاتل ناهي،
نيٺ جهڪائي ڪهي هليو ويو.

خوشبوُ بڻجي جيئرو رهندُس،
هر ٻوُٽي کي چُمندو رهندُس.

موُنکي وساري ڪيئن توُن سگهندينِ،
سپنو بڻجي اينِدو رهندُس.

پريت جي واريءَ ۾ توسان،
سناڻو ٿي ملندو رهندُس.

ڇاڻان ٿو گهر کالي آ پر،
در تي دستڪ ڏينِدو رهندُس.

سُڏکي سُڏکي سُڏکو ٿي پيُس،
پوءِ به هر هر رُئندو رهندُس.

سُڪل گُل مان اچڻ لڳي خوشبوُ،
آئي پرين ڪتان تنهنجي خوشبوُ.

هوش پنهنجو وڃائي ويٺاسين،
دِل چورائي وئي چري خوشبوُ.

پنهنجو تعارف نه ٿي ٻُڌائي هوُءَ،
چوڪري آهي يا پري خوشبوُ.

ڪو هوا جو جهونڪو نه وهائي ويجي،
دل ۾ سانڍي اسان رکي خوشبوُ.

ويس پائي گُلابي شام آئي،
تنهنجا لب آئي آ چهي خوشبوُ.

هوُ وري اڄُ مليو اوچتو اوچتو،
زخم دل تي لڳو اوچتو اوچتو.

ڪير آيو هئو ڪير اڀندو هتي،
کولي در ڇو ڏِنو اوچتو اوچتو.

مرڪ جنهنجي ڇپن تي ڏَنڀسڀِن سدا،
ڇو ڀلا هوُ رُنو اوچتو اوچتو.

کهڙي حسرت وئي ڪاڏي ڪِئن مان چوان،
ڳوٺ دل جو فِٽو اوچتو اوچتو.

منهنجي نيٽن جڏهن ديِد تنهنجو ڪيو،
ٻوُر خوابن جهليو اوچتو اوچتو.

عقل وارن جي وچ، توُن به ويهي ته ڏِسُ،
بڻجي ويندين چريو اوچتو اوچتو.

صاف دل جو ماڻھوُ وڻي ئي نه ٿو،
ڪوڻي سڪي جيان ھلي ئي نه ٿو.

ھنجي پايل جي موُن ٻوڏي ڇر ڇر،
راڳ ڪو، گيت ڪو وڻي ئي نه ٿو.

عشڪ ۾ دوکا ڪائي ڪيئي پڻ،
ھوُ اڻاسو آ، ڪجھ سِکي ئي نه ٿو.

گر زخم ھِڪُ ھُجي ته پرجي وڃي.
عشق ناسوُر آ ڇُڻي ئي نه ٿو.

حال ڪنھن سان وڃي اوريان دل جو،
شھر ۾ ڪو چريو مِلي ئي نه ٿو.

تيز هوا پر لڏي نه ٿو،
جاءِ پنهنجيءَ تان ڏڏي نه ٿو.

ڪيڏو اڻاسو آهي من،
ساھ ڪٽڻ کان مُڙي ئي نه ٿو.

ڇيهُون ڇيهُون ڪري ڇڏيو،
گر ڪوشش سان جُڙي نه ٿو.

پٿر کان پڻ ڏاڍو آ،
ڪُنڊي ڪُنڊي پڻ پُري نه ٿو.

راھ اڻانگهي ناهي ڪا،
پوءِ به ستو ڪو هلي نه ٿو.

جوکر سپ ڇڻ سرکس جا،
تنهن هوُندي به ڪو ڪِلي نه ٿو.

پنھنجيِ دل پاڻ ئيِ ڀيجان ته چگّو،
روز ھُن جي ھٿان مران ته چگّو.

منھنجي آ ھن وجوُد کي چُھنبوُن،
دوُر يارن کان گر رھان ته چگّو.

شاھ، سامي، سچل تي ساھُ ڏِئُم،
مان وريِ سنڌيِ ٿيِ ڄمان ته چگّو.

پيار رھندو ۽ رھندي پاھنجائپ،
ڪوُڙ ڪَالھائي گر سگھان ته چگّو.

ھوُنءَ به پاڪَل مان چوائيِندُس،
ٿورو ڪنھنجو پلو ڪيان ته چگّو.

ڪِلندا ڪِلندا نه ساھُ نڪريِ وڃي،
مان به ھاڻي زرا رُڻان ته چگّو.

روُح سان ڪو گر ڳائي ته غزل ٽٻندو آ،
ڪوئي دل سان گر چاهي ته غزل ٽٻندو آ.

نانءُ ڪنهنجو جي ڪتابن ۾ لکي پوءِ ڊپ ۾،
بي دليو ڪوئي مٽائي ته غزل ٽٻندو آ.

ڪنهن ڏنل گهر جي ڀڳل ڀت، ڇپهوُن ڇپهون چت،
پنهنجي خوابن سان ناهي ته غزل ٽٻندو آ.

ناهي رشتو، ناهي ناتو، تنهن هوُندي پڻ،
ڳوڙها ڪنهن لاءِ ڪو ڳاري ته غزل ٽٻندو آ.

پاڻ کان پڻ پياري شءِ ڪوئي گر،
پنهنجي هٿ سان ئي وڃائي ته غزل ٽٻندو آ.

دانهن يا ڪوُڪ ڪري ٿو، نه ڪڍهن هوُ ڪائي،
چوٽ چُپ چُپ ڪو کائي ته غزل ٽٻندو آ.

توُن چريو، مان چريو ڳالھ سمجھي ڇڏِ،
ھڪ پِرولي اِھا چو نه ڪنھن ڏي پڳي،

زندگيءَ جي جھلڪ ھڪ پسڻ واسطي،
ڪجھ اُڌاري وتي ھن کا موُن روشني.

ترس، طوفان کي سڏ ڪري ڏو اچان،
پيار جي شما ٻارڻ ھلي دل چري.

مھڪ منھنجا چُھي خواب کن پر وئي،
چو سڃي بانوري ڏي پئي زندگي.

رھندوُن رھندوُن سڃو اڇُ ذھن ڏي پيو،
چو لنگھيُس سوچ جي اِھڙي اوَکي گھِٽي.

ماڻھوُ ملي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو،
ڇاپ ڇڏي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

تيز ھوا ۾ پٽ ٽي پيا سي،
ڪنِ ڏُڏي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

ھرڪو ڪري ٿو رڙ ۽ واڪو،
سانت رھي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

ناھي اثر چوٽُن ۾ پيِ ڪو،
زخم جھُري ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

اِيندي ويندي ھرڪو مشڪي،
حال پُڇي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

چِنھوُن چِنھون سارا جذبا،
دل ۾ چيي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

ڪيڏا پوڪيا سپنن جا وڻ،
ٻوُر جھلي ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

قرض سين تي منّيءَ جو پر،
ادا ڪري ٿو ڪو، ڪو، ڪو، ڪو.

محل خوابن جا ئي اڏي ويندُس،
چاپ پنهنجي مگر چڏي ويندُس.

اڄُ ته لُڙڪن جي ڪجھ ڪيوُن ڏي وڃُ،
مان سُياڻي هتان لڏي ويندُس.

پلِ ٽُٽل موُنکي سپ ملن ڏاڪا،
ڪوريِ آهيان، سڃا ڳڻيي ويندُس.

ڪڙ وارن کي ڪا منھ ناهي،
ڪم اڏوُرا گھڻا چڏي ويندُس.

خوان کي، حسرتوُن کي، عميدوُن کي،
ساڻ مونسان سدا، ڪڏي ويندُس.

نه اکڙيُن ۾ آيا کڏهن اشڪ منهنجي،
اچي گر ويا اڇُ اُگهڻ کيڏو مُشڪل.

ٻُڌايان مان چا چا پلا توکي دلبر،
چريءَ دل جوُن ڳالهيوُن، چوڻ کيڏو مُشڪل.

هوا ٻڏجي آيو، هوا ٻڏجي ويو هوُ،
هوا کي هٿن ۾، جهلڻ کيڏو مُشڪل.

ڪري بند اکڙيوُن موُن سوچيو ڪٿي آ،
خُدا سان اِئين پڻ ملڻ کيڏو مُشڪل.

بچي ويندين توُن پل خُدا جي قهر کان،
مگر آهي خود کان بچڻ کيڏو مُشڪل.

اُگهاڙن توُن پيرن سان ٻاهر نِڪر، اڇُ،
تتل ريت تي ڏِسُ، هلڻ کيڏو مُشڪل.

گر خدا توُن زمين تي هجين هان،
موُن جيان در بدر ٿي پوي هان.

درد ڪنهنجو ڏسي چو جهُري هان،
منهنجي دل کي به پٿر ڪرين هان.

موَت جو لُطف ماڻي سگهان هان،
ڪا تمنا اڏوُري رکين هان.

ڳالهه هر پنهنجي هٿ ۾ رکيئي تو،
ڪجهه ته موُن تي ڇڏي توُن ڏسين هان.

کي گهڙيوُن گر زمين تي رهين هان،
بند هر بندگي ڪرين هان.

اڄُ هوا ۾ ايڏي نمي ڇو آ،
درد جهوُنو دوا نئين ڇو آ.

درد منهنجو پراڻو ساٿي آ،
شام جو رُئڻ جي ڪمي ڇو آ.

ڪين خود کي به ڪو ڏسي سگهندو،
چانوري ايڏي روشني ڇو آ.

ڪو پڙاڏو نه ڪا صدا آئي،
بانوري پوءِ به زندگي ڇو آ.

ذري ذري کي زندگيِ ڏِينڊُس،
ٽيءُ نه مايوُس، تازگيِ ڏِينڊُس.

سج يا چنڊ ٻڏجڻو ڪونهي،
جڳنوُ ٻڏجي به روشنيِ ڏِينڊُس.

باغ جا گُل سُڪي ويا سارا،
مُرڪ جي توکي سوُکڙي ڏِينڊُس.

توُن ڪڏهن منهنجي پر ۾ ويهي ڏِسُ،
درد تو کان ونيِ، خوشيِ ڏِينڊُس.

جڏهن جڏهن هوُ شهر ۾ ڪنهن سان مِلندو آهي،
درد هوُ دل ۾، مُرڪ چپن تي رکندو آهي.

پيار محبت جا هوُ نغما ڪِئن ڳائِيندو،
روٽيءَ جي ڳولها ۾ هردم گهمندو آهي.

چون ٿا سڀ مغروُر هوُ آهي، پر سچ ناهي،
تنها تنها گُم سُم ويٺو لُڇندو آهي.

پاڪُر پاڻُر باھ لڳي وئي، هي چا ٿيو،
چا دامن ۾ تاندا سانديي رکندو آهي.

توُن دل کي پيجيِ چڏ اڳوپو اڳوپو،
ڪو تحفو ڏئيِ چڏ اڳوپو اڳوپو.

سُجاڻي وٺي ڪو نڳ خود کي انهي لاءِ،
توُن درپڻ پيجيِ چڏ اڳوپو اڳوپو.

ملڻ ڏئي نه ڏئي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو،
هيِ رشتا ڇڻي چڏ اڳوپو اڳوپو.

شڪايت رهي ڪا نه ڪنهنکي به باقيِ،
چپن کي سُبيِ چڏ اڳوپو اڳوپو.

چا لکان، ڪيئن لکان، ٻڌائي ڇڏ،
ڪيئن مان شاعر بڻان، ٻڌائي ڇڏ.

خواب پنهنجا ڇڏيا ورهائي موُن،
ننڊ چو مان ڏسان، ٻڌائي ڇڏ.

پاڇا، پاڇن کي، موُن سڏيندو ڏٺو،
ڪنهنکي ماڻهوُن چوان ٻڌائي ڇڏ.

زندگي توکي ڪيئن لهان ڳولهي،
راھ ڪهڙي ونان، ٻڌائي ڇڏ.

هاڻي هاڻي آيو آهين، توُن وڃڻ جو ضد نه ڪر،
ڳالھ دل ۾ پلي رهي، پر توُن چوڻ جو ضد نه ڪر.

آهيوُن درياھ جا ڪنارا، ڪيِن مِلنداسيِن ڪڏھن،
چا صديوُن، چا هڪ گھڙي دلبر، ملڻ جو ضد نه ڪر.

باھ وانگُر پل ٻرن ٿا، وقت ٽاندن جيان لڳي،
يار پل محسوُس ڪر توُن، پر ڇُهڻ جو ضد نه ڪر.

لڙڪ اکڙيُن ۾ لُڙي آيا الئي چو پريِن،
هڪ ٻئي کي ڪيِئن چئوُن، توُن رُئڻ جو ضد نه ڪر.

هوريان هوريان هوا ڇهي ڏِسُ توُن،
هاڻي اکڙيُن ۾ ڪجھ نمي ڏِسُ توُن.

مان به ساڳو، توُن به ساڳو ئي،
مھڻي ٽوريوُن اکيوُن وري ڏِسُ توُن.

شھر جا ماڻھوُ سچ ڪٽي ٽا ٻُڌن،
ڳالھ ھڪ ڪوَڙِي ڪا ڇئي ڏِسُ توُن.

ساري دنيان کي خبر ٿي ويندي،
ڳالھ ڪائي ڳُجھي رکي ڏِسُ توُن.

ڪوڙ کي لڇ چوڻ ضروري آ،
ٽورو ماڻھوءَ ٺھڻ ضروري آ.

مان چريو ۽ ڪيان ٿو ڳالھ چري،
ڪجھ چرين جي ٻڌڻ ضروري آ.

گر ٿو چاھين خدا کي پائڻ توُن،
ڪُجھ چريو ٿي پوڻ ضروري آ.

دل جي ھر تھ ۾ ڪُجھ نه ڪُجھ آھي،
گھاو ھر ھِڪُ ڇُھڻ ضروري آ.

چند لمحن کي آزمائي ٿو،
تنهنجي تصوِر هِڪ بڻائي ٿو.

ڏِسُ، انڌيرا وڃن ٿا وڌندا اڃُ،
خواب پنهنجا ئي ڪجھ جلائي ٿو.

اُس، بيابان جي سهي نه سگھبيِ،
ريت جي گھر کي ته به پڏّائي ٿو.

ترس، جي چنڊ ٿو ڇُھڻ چاھيِن،
آسمان کي اِجھو جھڪائي ٿو.

هوا جو جهونڪو لڳندو جيسين.
ڏِئو به دل جو ٻرندو جيسين.

خوشبوُءِ مهڪائيندي من کي،
حُسن به گُل جو ٽڙندو جيسين.

سڄ ۽ چند هج ڪنهن جا سڏبا،
جڳ کي اُجالو مِلندو جيسين.

جيون آهي ڏُکي ٻرولي،
هوريان ڏاڳو ڪُلندو جيسين.

(سماپت)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پٽ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پٽ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نيائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book



Vinod Asudani

- Gold medalist in
  - M.A. English
  - M.A. History
  - M.A. Sociology
- B.Ed. and S.E.T.
- He writes in English, Sindhi, Hindi and Urdu Languages

Published Books :

1. "Adhura Asman", Anthology of Ghazals in Hindi.
2. "Chingu Chingu" (Sparks), Anthology of Ghazals in Sindhi.
3. "An easy approach to Social Sciences" Text Book.
4. "Bah Ju Padu" (Roots of Fire) Anthology of Ghazals in Sindhi.